# مِٺڙي زبان

سنڌي






شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


| | |
|---|---|
| رسالي جو نالو: | مِنڙي زبان |
| ڇاپو پهريون: | شوال المکرم 1441هه، مئي 2020ع |
| تعداد: | |
| ڇاپيندڙ: | مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي |



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مِٺڙي زبان

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مِٺڙي زبان

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، راحت قَلْبُ و سِينَہ، صَاحِبِ مُعَطَّر پسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عافيت نشان آهي. اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلدي نَجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهيا هوندا. (الفردوس ج 5 ص375 حديث8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاش مان وڻ هجان ها

اي عاشقانِ رسول! عالِمِ دين جي شانِ عظمت نشان ۾ بي ادبي کان بچڻ ڏاڍو ضروري آهي، الله نہ ڪري ڪا اهڙي ڀُل تي وڃي، جنهن جي ڪري ايمان کان هٿ ڌوئڻا پئجي وڃن، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ڏاڍي رُسوائي ٿيندي جو قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي گهلي ڪري جهنّم ۾ اُڇلايو ويندو جتي هنن کي هميشہ هميشہ عذاب ۾ رهڻو پوندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي زبان جي لَغزِش کان بچائي ۽ اسان جي ايمان جي حفاظت فرمائي، آمين. اسان جا صَحَابہ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان قبر ۽ آخرت جي معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڏاڍو ڊڄندا هئا، خوف جي غلبي وقت هنن بُزرگن جي زبان کان ڪڏهن ڪڏهن هن طرح جا ڪلما ادا ٿيندا هئا ڪاش! اسانکي دنيا ۾ بطور انسان نہ موڪليو وڃي ها، ڇو جو

انسان تي ڪري دنيا ۾ اچڻ جي ڪري هاٿي خَاتمو بالخير، قبر ۽ قيامت جي امتحان وغيره جا ڏکيا مرحلا در پيش آهن. هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا اَبُو دَرداء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن خوف خُداوَندِي جي شِدَّت جي ڪري فرمايو: جيڪڏهن توهان اهو ڄاڻي وٺو جيڪو موت کان بعد ٿيڻو آهي ته توهان پسنديده کاڌا ڇڏي ڏيو ڇانو وارن گهرن ۾ نه رهو بلڪ ويرانن جو رخ ڪري وڃو ۽ سڄي عمر آهه و زاري ۾ گذاري ڇڏيو، هن کان بعد فرمائڻ لڳا **ڪاش! مان وڻ هجان ها جنهن کي ڪٽيو وڃي ها.** (اَلزّهد لِلامام اَحمد بن حنبل ص 162 رقم 740)

میں بجائے انساں کے کوئی پودا ہوتا یا
نخل[1] بن کے طیبہ کے باغ میں کھڑا ہوتا

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۱۵۹)

## ڪاش مون کي ذبح ڪيو وڃي ها

ابنِ عَساڪِر "تاريخ دِمشق" جلد 47 صفحي 193، تي حضرت سَيِّدنا اَبُودَردَاء رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان هي ڪَلِمَات نقل ڪيا آهن ڪاش! مان گهيٽو هجان ها مونکي ڪنهن مهمان جي لاءِ ذبح ڪيو وڃي ها مونکي ڪائي ۽ ڪارائي ڇڏين ها.

جاں کنی[2] کی تکلیفیں ذبح سے ہیں بڑھ کر کاش!
مرغ بن کے طیبہ میں ذبح ہو گیا ہوتا
مرغ زارِ[3] طیبہ کا کاش! ہوتا پروانہ
گردِ شمع پھر پھر کر کاش! جل گیا ہوتا

---

1 کجيءَ جو وڻ، عام وڻ 2 سڪرات جو عالم، انسان جي روح نڪرڻ جو عمل 3 ساوڪ

کاش! خر[1] یا خچر یا گھوڑا بن کر آتا اور
آپ نے بھی کھونٹے سے باندھ کر رکھا ہوتا

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ١٦٠)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوا اِلَی الله ! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## افسوس منهنجا ڳناھ!

اي **عاشقانِ رسول!** عُلماءِ ڪرام جو مقام سمجهڻ، هنن جي اِحترام جو جذبو ماڻڻ، **غيبت** ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سنّتن جي عادت ٻڌائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، سنّتن جي تربيت جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو، ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **مدني انعامات** جي مطابق فڪرِ مدينه جي ذريعي **رسالو** ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي 10 تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو، **عاشقانِ رسول** جي صحبت حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو **مَدرَسةُ المَدِينَه (بالغان)** به آهي هن ۾ قرآن ڪريم پڙهو، جيڪڏهن پڙهيل آهيو ته پڙهائيو، توهان جي تَرغِيب ۽ تَحرِيص (شوق ڏيارڻ) جي لاءِ عرض آهي ته هڪ **اسلامي ڀاءُ** گناهن جي ڪمن ۾ مشغول رهندو هو، جن ۾ مَعَاذَالله VCR جي ليڊ سِپلائي ڪرڻ، راتين جو آوارا ڇوڪرن سان گڏ

---

[1] گڏھ

گھمڻ، روزانو ٻہ بلڪ ٽي ٽي فلمون ڏسڻ، ورائٽي پروگرامن ۾ راتيون ڪاريون ڪرڻ شامل هو بابُ المدينہ ڪراچي جي علائقي نيا آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي مسلسل اِنفرادي ڪوشش جي برڪت سان علائقي جي مَدرَسۃُ المَدِينہ بَراءِ بَالغان ۾ وڃڻ جي ترڪيب ٿي ۽ هن طرح عاشقانِ رسول جي صحبت ملي ۽ هو عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري مدني ڪمن ۾ مصروف ٿي ويا.

ہمیں عالموں اور بزرگوں کے آداب سکھاتا ہے ہر دم سدا مدنی ماحول
ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبت بھرا مدنی ماحول

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ٦٤٧)

## تعليم قرآن جا ٻہ فضائل

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُلله عمومًا روزانو سومهٽي ڪان بعد هزارين مَدرَسۃُ المَدِينہ قائم ڪيا ويندا آهن، جتي فِي سَبِيلِ الله قرآن ڪريم جي تعليم ڏني ويندي آهي. تعليم قرآن جي فضائل جي ڇا ڳالھ آهي! جيئن عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مَڪتَبۃُ المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مُشتَمل ڪتاب بَھارِ شريعت حصي 16 صفحي 127 ڪان ٻہ **فرامين مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ هجن:

﴿1﴾ توهان مان بهترين اهو ماڻهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري. (بخاري ج 3 ص 410 حديث 5027)

﴿2﴾ جيڪو قرآن پڙهڻ ۾ ماهر آهي اهو ڪِراماً ڪَاتِبِين سان گڏ آهي ۽ جيڪو شخص رُڪِي رُڪِي ڪري قرآن پڙهندو آهي ۽ اهو هن تي شَاق آهي (يعني هن جي زبان سولائي سان ناهي هلندي، تڪليف سان ادا ڪندو آهي) هن جي لاءِ ٻه اجر آهن. (صَحِيح مُسلِم ص 400 حديث 798)

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
ہر اک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گستاخِ رسول جو انجام

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن غيبت جي ڪثرت جي سبب رَبُّ العِزت عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا ۽ ايمان برباد ٿي ويو ۽ ڪو بَدنَصِيب مَعَاذَالله ڪافر ٿي مُئو تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڪتان جو نہ رهندو ڪفر تي مرڻ وارو هميشہ هميشہ جهنّم ۾ رهندو. ڪافرن جي انجام جي باري ۾ منهنجي آقا اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ارشادَ پڙهو ۽ توبهہ توبهہ ڪيو ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ بيقرار ٿيو. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوت اسلامي جي ڪتاب ”ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت“ جي صفحي 147 تي آهي هڪ پيري عاص (جيڪو وڏو گستاخِ رسول ڪافر هيو اهو) سفر تي ويو. ٺڪاوٽ جي ڪري هڪ وڻ سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيو جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام

**بحُڪمِ ربُّ العالَمين** تشريف وني آيا ۽ هن جو مَٿو پڪڙي ڪري وڻ سان ٽڪرَ هڻائڻ شروع ڪيائين، هو رڙيون پيو ڪندو هو تہ اڙي ڪير منهنجي مٿي کي وڻ سان ٽڪرائي رهيو آهي؟ هن جا ساٿي چوندا هئا تہ اسان کي ڪير بہ نظر نٿو اچي ايستائين جو هو جهنّم واصل ٿي ويو (يعني مري ڪري جهنّم ۾ وڃي پهتو) قيامت جي ڏينهن ان جي حالت سڀ کان جدا هوندي، هو پنهنجو پاڻ کي مَعَاذَالله ”عَزِيز و کَرِيم“ چوندو هو يعني عزت وارو ۽ ڪرم وارو، داروغہِ جهنّم (يعني دوزخ جي نگران فرشتي) کي حڪم ٿيندو هن جي مٿي تي گرز هڻ! جنهن جي لڳڻ سان ئي هڪ وڏو خال (يعني وڏو کڏو) مٿي ۾ ٿي ويندو ۽ جنهن جي وسعت ايتري نہ هوندي جيتري توهان خيال ڪيو ٿا بلڪ جنهن جي هڪ ڏاڪ اُحد جبل جي برابر هوندي هن جو مٿو ڦاٽڻ سان جيڪو خال (يعني کڏو) ٿيندو اهو ڪيتري قدر وسيع هوندو! الغرض هن خال (**کڏي**) ۾ جهنّم جو ٽهڪندڙ پاڻي پريو ويندو ۽ هن کي چيو ويندو:

ذُقْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ ﴿٤٩﴾

ترجمو ڪنزالايمان: **چک** هائو تون ئي وڏو عزت وارو شرف وارو آهين.
(پ. 25، الدخان، آيت 49)

۽ **ڪافر** کي اهو ئي پاڻي پياريو ويندو، جڏهن وات جي ويجهو ايندو تہ وات ڳري ڪري ان ۾ ڪري پوندو ۽ جڏهن اهو پاڻي پيٽ ۾ پهچندو تہ آندن جا ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيندو ۽ هن پاڻي کي ائين پيئندا جيئن ختم نہ ٿيندڙ اُڃ جي سبب اُٺ پيئندا آهن، بک کان بيتاب ٿيندا تہ ڪَنڊيدار ٿوهڙ ٽهڪَندڙ پاڻي، پِگهاريل ٽامي وانگر اُبريل ڪارائيندا

جيڪو پيٽ ۾ وجي ڪري ٿهڪندڙ پاڻي جيان جوش هڻندو ۽ ٻڪ ڪي ڪجهه فائدو نه ڏيندو. طرح طرح جا عذاب هوندا هر طرفان موت ايندو ۽ نه ڪڏهن مرندا، ۽ نه ئي ڪڏهن هنن جي عذاب ۾ تَخفِيفِ (يعني گهٽتائي) ٿيندي.

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا ‏ پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یا الٰہی
گناہوں سے بھر پور نامہ ہے میرا ‏ مجھے بخش دے کر کرم یا الٰہی

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۱۱۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَی اللّٰه ! اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گرمين ۾ روزو رکڻ آسان پر چُپ رهڻ مشڪل

**جن ماڻهن** جي زبان قينچي وانگر هلندي رهندي آهي اهي ڪوڙ، غيبت، تُهمَت ۽ چغلي وغيره جي آفتن ۾ اڪثر ڦاسندا رهندا آهن، واقعي زبان تي **"قُفلِ مدينه"** لڳائڻ يعني ان کي قابو رکڻ نهايت ضروري آهي، جيتوڻيڪ اهو ڏکيو ضرور آهي پر ڪوشش ڪنداسين ته الله عَزَّوَجَلَّ آساني ڪندو، **"مِنهَاجُ العَابِدِين"** جي **صفحي** 107 تي **حُجَّةُ الاِسلَام حضرت سيّدنا اِمام مُحمد بن مُحمد غزالي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا ته **حضرت سيّدنا يونُس بن عُبَيدُ الله** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، منهنجو نفس بصره جهڙي گرم شهر جي اندر ۽ اهو به سخت گرمين ۾ روزي رکڻ جي طاقت ته رکي ٿو پر اجائي ڳالهائڻ کان زبان کي روڪڻ جي طاقت نه ٿو رکي. (منهاج العابدين عربي ص 64) **جيڪڏهن** هنن ٽن اصولن کي پيش نظر

رڪيو وڃي تہ اِن شَآءَاللّٰه تمام گهڻو فائدو ٿيندو. ﴿1﴾ بُري ڳالھ ڪرڻ هرحال ۾ خراب آهي ﴿2﴾ فضول ڳالهائڻ کان خاموشي افضل آهي ﴿3﴾ چڱائي جي ڳالھ ڪرڻ خاموشي کان بهتر آهي.

مِری زبان پہ قفلِ مدینہ لگ جائے
فضول گوئی سے بچتا رہوں سدا یا رب
کریں نہ تنگ خیالاتِ بد کبھی، کر دے
شعور وفکر کو پاکیزگی عطا یا رب
بوقتِ نزع سلامت رہے مِرا ایماں
مجھے نصیب ہو توبہ ہے التجا یا رب

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۸۳،۷۸، ۸۷)

## جگر جو ڪينسر ختم ٿي ويو

زبان تي ”قُفلِ مَدِينہ“ لڳائڻ جو ذهن بنائڻ، غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ ۽ نماز ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** سان هر دَم وابَستہ رهو، سنّتن جي تَربِيّت جي لاءِ **مَدنِي قافلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ لاءِ **مَدنِي اِنعامات** جي مطابق عمل ڪري روزانو **”فڪرِ مدينہ“** جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي **پهرين تاريخ** جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ جتي بہ **فيضان سنّت** جو درس ٿيندي ڏسو ان ۾ خوش دلي ۽ ثواب جي نيّت سان ضرور شرڪت ڪيو ۽ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ حاضري کي ڪنهن بہ صورت نہ ڇڏيو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ ايمان افروز مدني بهار اوهان جي آڏو پيش ڪيان ٿو، **گلستان مصطفيٰ** (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي، مان هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ کي **دعوتِ اسلامي** جي

مَدِينَةُ الاَولِيَاء ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري بَين الاَقوَامي سنّتن ڀَري ٿَن ڏينهن واري **اجتماع جي دعوت** پيش ڪئي، جنهن جي ڌيءُ کي **جِگر جو ڪينسر** هيو، هو شِفا جي دعا ڪرڻ جي جذبي سان سنّتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيو. ان جو چوڻ آهي تہ مون اجتماع ۾ خوب دعائون گهريون. اَلحَمدُلله واپسي **ڪان بعد جڏهن پنهنجي نياڻيءَ جو چيڪ اپ ڪرايو تہ اهو ڏسي ڪري ڊاڪٽر حيرت ۾ پئجي ويا جو ان جي جگر جو ڪينسر ختم ٿي چڪو هيو!** ڊاڪٽرن جي سڄي ٽيم حيرت ۾ ورتل هئي تہ آخر ڪينسر ڪيڏانهن ويو! جڏهن تہ ان مرِيض جي حالت ايتري خراب هئي جو اجتماع پاڪ ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ ان جي جگر مان گهڻ ۾ گهٽ هڪ پريل **سرنج مواد** ڪڍيو ويندو هو، اَلحَمدُلله اجتماع پاڪ **(مدينة الاولياء ملتان)** ۾ شرڪت ڪرڻ جي برڪت سان هاڻي ان ڇوڪريءَ جي جگر ۾ ڪِينسَر جو نالو نشان بہ نہ رهيو هو. اَلحَمدُلله هي بيان ڏيڻ تائين نہ صرف اها ڇوڪري صحتمند آهي پر ان جي شادي بہ ٿي وئي آهي.

اگر دردِ سر ہو کہیں کینسر ہو — دلائے گا تم کو شفا مدنی ماحول
شفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی — یقینًا ہے برکت بھرا مدنی ماحول

(وسائل بخشش (مرمم)ص- ٦٣٨)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪو بہ مرض لاعلاج ناهي

**اي عاشقانِ رسول!** ڏٺو توهان! سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي برڪت سان ڊاڪٽرن جي چوڻ مطابق لاعلاج سمجهيو ويندڙ

ڪينسر بہ نيڪ ٿي ويو، حقيقت اها آهي تہ ڪوبہ اهڙو مرض نہ آهي جنهن جي دوا نہ هجي جيئن تہ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اداري **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 114 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب ”گهريلو علاج“ جي صفحي 1 تي آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي: هر بيماري جي دوا آهي جڏهن دوا بيماري تائين پُهچائي ويندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان مريض صحتمند ٿي ويندو آهي. (صحيح مسلم ص 1210 حديث 2204)

## ڪينسر جا ٻہ علاج

(1) **پيٺل ڪارو جيرو** تي تي گرام ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا پاڻي سان استعمال ڪيو (2) **روزانو** چپٽِيءَ جيتري پيٺل خالص هيڊ کائڻ سان اِن شَآءَالله ڪڏهن بہ ڪِينسر نہ ٿيندو.

## غيبت جا مختلف طريقا

اي **عاشقانِ رسول**!غيبت صرف زبان سان ئي نہ ٿيندي آهي ٻين طريقن سان بہ ٿي سگهي ٿي مثلاً: (1) اِشاري سان (2) لکي ڪري (3) **مسڪرائڻ سان** (مثال طور توهان جي سامهون ڪنهن جي خوبي بيان ٿي ۽ توهان ٺوڪ واري انداز ۾مسڪرايو جنهن مان ظاهر ٿيندو هجي تہ ”تون پلي تعريف ڪندو رهہ مان ان کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو“) (4) دل ۾ غيبت ڪرڻ يعني بدگماني کي دل ۾ جمائڻ مثلاً: بغير ڏٺي، بنا دليل يا ڪنهن واضح قريني (نشاني) کان بغير هي ذهن ۾ ويهارڻ تہ ”فلاڻي ۾ وفا ناهي“ يا ”فلاڻي ئي منهنجي شيءِ چورائي آهي“ يا ”**فلاڻي ائين ئي ٺڦيو آهي**“ وغيره (5) مطلب تہ هٿ، پير، مٿي، نڪ، چپ، زبان، اک پرون، پيشاني تي گهنج وجهي ڪري لکي ڪري،

فون تيSMS ڪري، انٽرنيٽ تي چيٽنگ جي ذريعي، بَرقي ٽپال (يعني E-mail) سان يا کهڙي بہ انداز سان ڪنهن جي اندر موجود بُرائي يا خامي بين ڪي ٻڌائي وڃي تہ اها بہ غيبت ۾ داخل آهي.

## مومنن تي ٽي احسان ڪريو

**حضرت سيدنا يحيٰ بِن مُعاذ رازي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان مان مومنن کي ٽي فائدا حاصل ٿين تہ توهان مُحْسِنِين (يعني: **احسان ڪرڻ وارن**) ۾ شُمار ڪيا ويندؤ.

(1) جيڪڏهن انهن کي فائدو نہ ٿا ڏئي سگهو تہ نقصان بہ نہ پهچايو، (2) انهن کي خوش نہ ٿا ڪري سگهو تہ رنجيده بہ نہ ڪيو، (3) انهن جي تعريف نہ ٿا ڪري سگهو تہ بُرائي بہ نہ ڪيو. (تَنبِيهُ الغَافِلِين ص 88)

## مسلمان جي ڀلائي بيان ڪرڻ وارن جي لاءِ فرشتن جي دعا

**مشهور تابعي بزرگ حضرت سيّدنا مُجاهد** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (سندن جو وصال 103هـ ۾ **مڪہ مُعَظّمہ** زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّتَعظِيماً ۾ **سجدي جي حالت** ۾ ٿيو) فرمائن ٿا: جڏهن ڪوبہ شخص پنهنجي اسلامي ڀاءُ جو ڀلائي سان ذڪر ڪندو آهي تہ سندس گڏ رهڻ وارا فِرشتا دعا ڏيندا آهن. تہ "**تنهنجي لاءِ بہ ان وانگر هجي**" ۽ جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڀاءُ کي بُرائي (يعني غيبت وغيره) سان ياد ڪندو آهي تہ فرشتا چوندا آهن: تو ان جي لِڪل ڳالهہ ظاهر ڪري ڇڏي! تورو پاڻ ڏي ڏس ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ڪر جو ان تنهنجو پردو رکيو آهي. (تَنبِيهُ الغَافِلِين ص 88)

مجرم ہوں دل سے خوفِ قیامت نکال دو　　پردہ گنہگار پہ دامن کا ڈال دو

# مٺڙن ٻولن جي پياري حڪايت

**اي عاشقانِ رسول!** توهان ڏٺو! مسلمان جي باري ۾ چڱائي جا ٻول ٻولڻ واري کي **فرشتا** خير جي دعا سان نوازيندا آهن ۽ **غيبت** وغيره ڪرڻ وارن کي تنبيه ڪندا آهن، تنهن ڪري اسان کي هميشه زبان سان **مِٺڙا ٻول** ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مٺڙن ٻولن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! انهن جي چاشني اهڙو رنگ لائيندي آهي جو **عقلَ دنگ** رهجي ويندا آهن! ان سلسلي ۾ هڪ حِڪايت ٻڌو ۽ جهومو. جيئن ته خُراسان جي هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي خواب ۾ حڪم مليو "**تاتارِي قوم ۾ اسلام جي دعوت پيش ڪيو**" ان وقت اِقتدار جون واڳون هلاڪو جي پٽ تگودار جي هٿ ۾ هيون، اهي بزرگ سفر ڪري تگودار وٽ پهتا، سنّتن جي پيڪر باريش مسلمان مبلغ کي ڏسي ان کي مَسخري لڳي ۽ چوڻ لڳو "**اهو ته ٻُڌاءِ تنهنجي ڏاڙهي جا وار سٺا يا منهنجي ڪتي جو پُڇ!**" ڳالهه جيتوٽيڪ ڪاوڙ ڏيارڻ واري هئي پر اهي سمجهدار مبلغ هئا، تنهن ڪري نهايت ئي نرميءَ سان فرمايائون "**مان به پنهنجي خالق ۽ مالڪ** عَزَّوَجَلَّ **جو ڪُتو آهيان جيڪڏهن جان نِثاري ۽ وفاداري سان ان کي خوش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ته مان ڀلو نه ته پوءِ توهان جي ڪُتي جو پُڇ ئي مون کان ڀلو**" چاڪاڻ ته هو هڪ باعمل مُبلغ هئا، غيبت، چغلي، عيب ڪڍڻ، بَدڪلامي ڪرڻ ۽ فضول ڳالهائڻ وغيره کان بچندي پنهنجي زبان ذِڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ۾ هميشه مشغول رکندا هئا، تنهن ڪري سندن جي زبان مان نڪتل مِٺڙا ٻول تاثير جا تير بڻجي تگودار جي دل تي اثر ڪيائون، جڏهن ان کي پنهنجن "**زهريلن ڪنڊن**" جي جواب ۾ باعمل مُبلغ طرفان "**خوشبودار مَدني گل**" مليا ته اهو ڏاڍو پشيمان

ٿيو ۽ نرمي سان چيائين: توهان منهنجا مهمان آهيو ۽ مون وٽ ئي قيام ڪيو، پوءِ پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ ان وٽ رهڻ لڳا، تگودار روزانو رات جو سندن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هيو ۽ پاڻ نِهايت شفقت سان ان کي نيڪي جي دعوت پيش ڪندا هئا، سندن جي انفرادي ڪوشش تگودار جي دل ۾ **مدني اِنقلاب** پيدا ڪري ڇڏيو، ساڳيو تگودار جيڪو اڳ ۾ اسلام کي دنيا جي نَقشي تان مٽائڻ چاهي پيو، سو اڄ اسلام جو شيدائي بڻجي چڪو هو. ان ئي باعمل مبلغ جي هٿ تي تگودار پنهنجي سڄي قوم سميت مسلمان ٿي ويو. ان جو اسلامي نالو احمد رکيو ويو، تاريخ گواهه آهي هڪ مبلغ جي **مِٺڙن ٻولن** جي برڪت سان وچ ايشيا جي خوني تاتاري سَلطَنت اسلامي حڪومت ۾ بدلجي وئي.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مٺڙي زبان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! مبلغ هجي ته اهڙو! جيڪڏهن تگودار جي ناپسنديده جملن تي هو بزرگ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪاوڙ ۾ اچي وڃن ها ته هرگز اهڙا مدني نتيجا حاصل نه ٿين ها، تنهن ڪري ڪير ڪيتري ئي ڪاوڙ ڏياري اسان کي پنهنجي زبان قابو ۾ رکڻ گهرجي، چاڪاڻ ته جڏهن اها زبان قابو مان نڪري ويندي آهي ته ڪڏهن نهيل ڪم به بگاڙي ڇڏيندي آهي. اها مٺڙي زبان ئي ته هئي جنهن جي ميناج تگودار جهڙي وحشي، خوني ۽ حيوانن کان بدترين انسان کي انسانيت جي بلند ۽ اعليٰ مَنصب تي پهچائي ڇڏيو.

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں
ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

# ذڪر ۾ دعا جي انداز ۾ غيبت

**حُجّةُ الاِسلام** سيّدنا اِمَام محمّد بن محمد غَزَالي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه اِحياءُ العلوم جلد 3 ۾ سڀ کان بدترين **غيبت** جو تذڪرو ڪندي جيڪو ڪجهه فرمايو آهي ان جي روشني ۾ عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو: ڪجهه ماڻهو ضرورت کان وڌيڪ هوشيار ٿيندا آهن ۽ اهي شيطان جي دوکي ۾ اچي، اَلحَمدُلله، سُبحَانَ الله چئي ڪري ايتري تائين جو دعائن وارا جملا ڳالهائي **غيبت** ته غيبت پر ان سان گڏ رياڪاري به ڪري ويهندا آهن. **مثال طور:** شخصيات يا صاحب اقتدار جي طرف رجحان رکڻ واري ڪنهن شخص جي ڳالهه نڪري ته صاف لفظن ۾ برائي ڪرڻ جي بجاءِ هن طرح سان چوندا آهن، ”اَلحَمدُلله وزيرن، آفيسرن ۽ پئسي وارن سان پنهنجو ڪوبه واسطو ناهي انهن دنيا وارن اڳيان ڪير تو ذليل ٿئي!“ (ائين اِن ڊائريڪٽ ان مخصوص ماڻهو جي غيبت ٿي وئي جنهن جو وڏن ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ آهي) يا ڪنهن جي ڳالهه ڪُلڻ تي ان جي بابت هيئن چوندا: اسان بي حيائي کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه ٿا گهرون ياالله خير فرما. ايئن ئي ذڪر ۽ دعا جي انداز ۾ ڪنهن مخصوص ماڻهو جي تذڪري جي موقعي تي شريعت جي اجازت کان سواءِ ان جي ”بِي حَياء“ هجڻ جو اظهار ڪري ان جي **غيبت** ۾ مبتلا ٿيا ۽ ڳُجهن لفظن ۾ پنهنجي پاڪدامني (**يعني بَاحياء هجڻ**) جو اعلان ڪري پاڻ کي رياڪاري جي تباهه ڪارين جي خطري ۾ وڌائون ساڳئي طرح دعا ڪندي ڪندي مخصوص ماڻهن جي بين

خامين کي اِن ڊائريڪٽ يعني ڳجهن لفظن ۾ تذڪرو ڪري ثواب جي بجاءِ عذاب جا حقدار بڻجندا آهن، ڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي واکاڻ ڪري به **غيبت** جي اونهي کڏ ۾ وجي ڪرندا آهن **مثال طور**: چوندا آهن! فلاڻو پڪو نمازي ۽ پرهيزگار آهي اخلاق به سٺا اٿس پر ويچارو هڪ اهڙي ڳالهه ۾ مبتلا آهي جنهن ۾ اسان سڀ قاتل آهيون منهنجو مطلب آهي ان ۾ صبر جي گهٽتائي آهي. ڏنو توهان! شيطان ڪيتري چالاڪي سان تعريف ڪرائي ۽ سندس جي ئي زبان سان پنهنجي عاجزي ۽ نوڙت جا لفظ ڳالهرائي سامهون واري کي "**بي صَبرو**" چَورائي **غيبت** جي مُصِيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو. هن مثال کي اسان هن طرح سمجهون: جيئن ته ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته يار هو آهي ته شريف ماڻهو پر مون وانگر ڪجهه تنگ دل آهي، ان جي هونءَ ته دين سان ڏاڍي محبت آهي پر مون وانگر ٿڌو آهي، چو جو استنجا خاني ۾ ويندو آهي ته وڃي ويهي رهندو آهي وغيره. اهڙي طرح ڪڏهن ڪنهن جي عيب يا ان جي خطا جو هن طرح سان تذڪرو ڪيو ويندو آهي: ويچاري ڪان ڪاوڙ ئي ڪاوڙ ۾ فلاڻي کي ٿڦ هڻڻ جي جيڪا ڀُل ٿي ان تي مونکي ڏاڍو اَفسوس آهي، مان دعاگو آهيان ته الله عَزَّوَجَلَّ ان تي رحم فرمائي. اهڙي طرح سان دعا جي انداز ۾ ان مسلمان جو ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن کي ظلمًا ٿڦ وهائي ڪڍڻ جي عيب ۽ خطا جو تذڪرو ڪري وِڌائين، ۽ غيبت جي مصيبت ۾ پئجي ويو. دعا وارو مثال ڏيڻ کان بعد حُجّةُالاِسلاَم سيّدنا اِمَام مُحمّد بِن مُحمّد غَزَالِي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: افسوس جو اظهار ڪرڻ ۽ دعا ۾ هي شخص ڪوڙ ٿو ڳالهائي دعا ڪرڻي ئي هيس ته نماز کانپوءِ لڪي به ٿي سگهي پئي ۽ جيڪڏهن افسوس ئي هيو ته ان جي خطا تي جيڪي

واويلا ڪيائين ان تي بہ افسوس ڪرڻ کپي ها! اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن جي گناهہ جي خبر پئجي ويندي آهي تہ ڪجهہ نادان ماڻهو سيني جي سامهون هيئن چوندا آهن: ويچارو (مثلا: **فلاڻي جي پئسن ۾ هير ڦير ڪرڻ جي**) تمام وڏي مصيبت ۾ ڦاسجي ويو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ اسان جي توبهہ قبول فرمائي، هي دعا بہ حقيقت ۾ دعا نہ آهي پر غيبت جو هڪ تمام خراب انداز آهي. (مَاخُوذ اَز اَحيَاءُ العُلوم ج3 ص 179)

## قيامت جو هوش وڃائيندڙ منظر

**اي عاشقانِ رسول!** غيبت جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکڻ جو ذهن بڻايو، پاڻ کي خدا جي قهر کان ڊيڄاريو ۽ ٿورو قيامت جو هوش وڃائيندڙ منظر تصوّر ۾ آڻيو، **دعوت اسلاميءَ** جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب "**بهارِشريعت**" جلد اوّل صفحي 133 کان 135 تائين جي مضمون جو خلاصو آهي. هِن وقت سج چار هزار سالن جي مفاصلي تي آهي ۽ ان جو پويون حصو هن طرف آهي، قيامت جي ڏينهن سج صرف سوا ميل جي مفاصلي تي هوندو ۽ ان جو اڳيون حصو هن طرف هوندو. ميڄالا ٽهڪندا ۽ ايتري ڪثرت سان پگهر وهندو جو ستر گز زمين ۾ جذب ٿي ويندو، پوءِ جيڪو پگهر زمين نہ پي سگهندي اهو مٿي چڙهڻ لڳندو، ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي چيلهہ تائين ڪنهن جي ڳچيءَ تائين ۽ ڪافر جي تہ وات تائين چڙهي لغام وانگر جڪڙجي ويندو، جنهن ۾ هو غوطا کائيندو. ان گرمي جي حالت ۾ اڃ جي جيڪا ڪيفيت هوندي اها بيان ڪرڻ جي محتاج ناهي. زبانون سُڪي ڪنڊا ٿي ويندين، ڪيترن

جون زبانون وات کان ٻاهر نڪري ايندين، دليون اُبري ڪري ڳچيءَ تائين اچي وينديون، هرگنهگار کي ان جي گناهه برابر تڪليف ۾ مبتلا ڪيو ويندو، جنهن چاندي ۽ سون جي زڪوٰة نہ ڏني هوندي ان جو مال خوب گرم ڪري ان جي پاسن، پيشاني ۽ پُٺيءَ تي داغ هڻندا، ۽ جنهن جانورن جي زڪوٰة نہ ڏني هوندي ان جا جانور قيامت جي ڏينهن خوب تيار ٿي ايندا ۽ ان شخص کي اتي ليٽائيندا ۽ اهي جانور پنهنجن سڱن سان ماريندي ۽ پيرن سان لتاڙيندي ان جي مٿان گذرندا، جڏهن سڀ لنگهي ويندا تہ پوءِ هتان کان واپس ساڳئي طرح ان جي مٿان گذرندا، ماڻهن جو حساب ختم ٿيڻ تائين ائين ئي ڪندا رهندا. وَعَلٰى هٰذَا الْقِيَاس پوءِ ايترين مصيبتن جي باوجود ڪير بہ ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نہ هوندو، ڀاءُ ڀاءُ کان ڀڄندو، **ماءُ پيءُ** اولاد کان جان ڇڏائيندا، گهرواري ۽ ٻار الڳ جان ڇڏائيندا، هر ڪو پنهنجي پنهنجي مصيبت ۾ ڦاٿل، ڪير ڪنهن جو مددگار هوندو.....! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ملندو اي آدم! دوزخين جي جماعت الڳ ڪر! عرض ڪندا ڪيترن مان ڪيترا؟ ارشاد ٿيندو: هر هزار مان نَوسؤ نوانوي هي اهو وقت هوندو جو ننڍا ٻار غم جي سبب پوڙها ٿي ويندا، حمل واريءَ جو حمل ڪِري پوندو، ماڻهو ايئن ڏسڻ ۾ پيا ايندا ڄڻ تہ نشي ۾ آهن، جڏهن تہ هو نشي ۾ نہ هوندا، پر الله عَزَّوَجَلَّ جو عذاب ڏاڍو سخت آهي مطلب تہ ڪهڙي ڪهڙي مصيبت کي بيان ڪجي. هڪ هجي، ٻہ هجن، سو هجن، هزار هجن تہ ڪو بيان بہ ڪري، هزارين مصيبتون ۽ اهي بہ ايتريون مشڪل جو اَلْاَمَان اَلْاَمَان! اهي سڀ تڪليفون ٻہ، چار ڪلاڪ، ٻہ چار ڏينهن يا ٻہ چار مهينن

جون ناهن، ۽ قيامت جو ڏينهن پنجاهه هزار سالن جو هڪڙو ڏينهن هوندو. (بَهارِ شَرِيعَت جلد اوّل صفحي 133کان 135)

## ماٺهو مطالبا پيا ڪندا

**اي عاشقان رسول!** اهڙن هوش وڃائيندڙ حالتن ۾ چئني طرفن کان نَفسَا نَفسِي جو آواز بلند ٿيندو، هر طرف کان روئڻ پِٽڻ جو آوازڪنن تائين پهچندو، **دوزخ** سامهون پڙڪا ڪائي رهيو هوندو، هر حق وارو پنهنجي حق جو مطالبو ڪندو ۽ **رَبُّ العِزّت** عَزَّوَجَلّ جي خدمت ۾ فرياد ڪندو، ڪو چوندو هن منهنجي **غيبت** ڪئي، هن مون سان **مذاق** ڪيو، ڪو چوندو: هن مون تي ظلم ڪيو، ڪو چوندو هن مونکي **چريو** چيو، هن مونکي **بيوقوف** سڏيو، ڪو پڪاريندو. هن مونکي قتل ڪيو، ڪو فرياد ڪندو هو منهنجو قرض کائي ويو، ڪو چئي رهيو هوندو هن منهنجو ڪتاب لڪايو هو، ڪو چوندو هن مونکي ڪاوڙ سان ڏنو هو ۽ ڊيڄاريو هيائين، ڪنهن جي دعويٰ هوندي ته هن مونکي بغير ڪنهن سبب جي دڙڪا ڏنا هئا، ڪو چئي رهيو هوندو هن منهنجو عيب ظاهر ڪيو هو. ڪو چوندو هوندو هن مونکي دوکو ڏنو هو، مطلب ته سيني حق وارن ۽ جن حق تلف ڪيا هوندا انهن کي فرشتا پروردگار جي سامهون حاضر ڪندا، هنن جا مَـٿا شرمساري جي سبب جهڪيل هوندا ۽ **الله تبارڪ وتعاليٰ** هر هڪ سان عدل ۽ انصاف فرمائيندو، هر حق واري کي خوش ڪندو، انهن ماڻهن جون نيڪيون هنن کي ڏيندو ۽ هنن جون برايون انهن جي کاتي ۾ وجهندو، پوءِ جيڪڏهن خدا عَزَّوَجَلّ جو فضل ٿيو ته انهن کي ڇوٽڪارو ملندو نه ته پوءِ جهنّم ۾ ڪافي عرصي تائين پيا سڙندا.

شان اور شوکت کے ہونے کا عزیز | ہے عبث ارمان آخر موت ہے
عیش و غم میں صابر شاکر رہے | ہے وہی انسان آخر موت ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اصلاح جو خوبصورت انداز

**پياري پياري آقا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** کي جڏهن ڪنهن جي ڪا اهڙي ڳالهه پهچندي هئي جيڪا سنڌن کي ناگوار لڳندي هئي تہ پاڻ ان تي پردو رکندي ان جي اصلاح جو اهو خوبصورت انداز هوندو هو جو ارشاد فرمائيندا ها: مَا بَالُ اَقوامٍ يَقُولُون كَذا وَ كَذَا يعني ماڻهن کي ڇا ٿيو آهي جو اهڙي ڳالهہ ڪن ٿا. (سُنَنِ اَبِي داود ج4 ص 329 حديث 4788)

ڪاش! اسانکي بہ اصلاح ڪرڻ جو ڍنگ اچي وڃي، اسانجو تہ اڪثر حال اهو هوندو آهي جو جيڪڏهن ڪنهن کي سمجهائڻو بہ هوندو آهي تہ بنا شرعي ضرورت جي سيني جي سامهون نالو وٺي يا ان جي طرف ڏسي ڪري اهڙي طرح سان سمجهائيندا آهيون جو ويچاري جا سڀ عيب کولي ڇڏيندا آهيون، ٿورو پنهنجي ضمير کان پڇو اهو سمجهائڻ ٿيو يا سامهون واري کي ذليل (DEGRADE) ڪرڻ ٿيو؟ اهڙي طرح سان بهتري ايندي يا وڌيڪ بگاڙ پيدا ٿيندو؟ ياد رکو! جيڪڏهن اسانجي رُعب جي سبب سامهون وارو چپ تي ويو يا مڃي بہ ويو تڏهن بہ دل ۾ ناپسندي رهجي ويندي آهي، جيڪا بُغض ۽ ڪيني، غيبت ۽ تهمت جو دروازو کولي سگهي ٿي، حضرت سيّدتنا اُمِّ درداء

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿيون:”جنهن پنهنجي ڀاءُ کي سرِ عام نصيحت ڪئي ته هن ان تي عيب لڳايو ۽ جنهن لڪ ۾ ڪئي ته انکي زينت بخشي. (شُعَبُ الایمانِ ج6 ص 112 رقم 7641) پر جيڪڏهن لڪل نصيحت فائدو نه ڏي ته پوءِ (موقعي ۽ مَنْصَب جي مُناسبَت سان) سرِ عام نصيحت ڪري. (تَنبِیہُ الغَافِلِین 49)

## حاجي مشتاق سنهري جارين جي سامهون

**غيبت ڪرڻ** ۽ بڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سنّتن جي عادت پيدا ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هميشه وابسته رهو، **سنّتن** جي تربيت جي لاءِ **مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ **سُنتن ڀَري اجتماع** ۾ شروع کان آخر تائين مڪمل شرڪت ڪريو ڪهڙي خبر ڪنهن جي صدقي ڪهڙي وقت ڪنهن تي ڪرم ٿي وڃي! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ ايمان افروز مدني حڪايت پيش ڪئي پئي وڃي. جيئن ته **بَابُ الاِسلَام** سنڌ جي هڪ مسجد جي مُؤَذّن صاحب ڪجهه هن طرح سان حلفيه تحرير ڏني، ته 2004ع ۾ **صحراءِ مدينه** (باب المدينه ڪراچي) ۾ ٿيڻ واري عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري **سنّتن ڀري اجتماع** جي آخري نشست ۾ جڏهن ذِڪرُاللّٰه شروع ٿيو ته مان اکيون بند ڪري ذِڪرُاللّٰه ۾ مست ٿي ويس، اَلحَمدُلِلّٰه مون تي ”**خاص ڪرم ٿي ويو**“ مون پنهنجو پاڻ کي مڪّةُ المُڪرّمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعظِيمًا ۾ ڏٺو، ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا خانهءِ ڪعبه جي طواف ۾ مشغول هئا، ذِڪرُاللّٰه کان بعد جڏهن رقّت ڀري انداز ۾ تصوُّرِ مدينه جو سِلسِلو شروع ٿيو ته اَلحَمدُلِلّٰه مون پاڻ کي مدينه مُنوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعظِيمًا ۾ ڏٺو سبز گنبذ نگاهن جي سامهون هيو ايتري ۾ سُنهري جارين جون رونقون سامهون اچي ويون اتي مان ڏٺو ته **دعوت اسلامي** جي

مرڪزي مجلسِ شوري جا مرحوم نگران خوش الحَان نعت خوان **حاجي مُشتَاق عطاري** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه سُنهري جَارين جي سامهون دَست بَستَہ حاضر آهن، مان بہ هٿ ٻَڌي ڪجھ قدم پوئتي بيهي رهيس مون تي رقت طاري هئي، جذبات قابو ۾ نہ رهيا، مان ديوانگي جي عالم ۾ اڳتي وڌندي سُنهري جارين جي اجا وڏيڪ ويجهو تي ويس، ڪرم مٿان ڪرم جو جاريون ڪلي ويون، هر طرف **نُور عليٰ نُور** ٿي ويو، خدا جو قسم! منهنجي نگاهن جي سامهون مڪي مدني آقا، مٺا مٺا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوه افروز هئا. پاڻ ڪريمن مون گنهگار کي هٿ ملائڻ جي سعادت عنايت فرمائي والله هٿ اهڙا **ملائم** (نرم) هيا جنهن جو ڪو مثال ڪونهي.

ڪرم تجھ پہ شاہِ مدینہ کریں گے — تو اپنا لے دل سے ذرا مدنی ماحول
خدا کے کرم سے دکھائے گا اک دن — تجھے جلوہ مصطفٰے مدنی ماحول

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مقدر وارن جا سودا

**اي عاشقانِ رسول**! مُقدر وارن جا سودا آهن بس جنهن تي ڪرم ٿي وجي! اسان سيني ڪي گهرجي تہ جلوهءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي **حسرت دل** ۾ وڌايون ۽ **ديدار جي تمنا** ۾ لُڙڪ وهايون، اهي عاشقانِ رسول ڪيترا ڀاڳن وارا آهن جيڪي يار جي جلوي سان پنهنجا نيڻ ٺاريندا آهن عاشقن جو بہ تہ چا شان آهي.

بہارِ خلد صدقے ہو رہی ہے روئے عاشق پر — کھلی جاتی ہیں کلیاں دل کی تیرے مسکرانے سے

(ذوق نعت، ص۔ ۱۵۰)

# ديدار مصطفٰيؐ جو وظيفو

دعوت اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب ”**ملفوظاتِ اعليٰ حضرت**“ (مڪمل) صفحي 115 کان 116 تي آهي:

**عرض**: حبيبِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت شريف حاصل ٿيڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟

**ارشاد**: رات ۾ دُرود شريف جي ڪثرت ۽ سمهڻ کان علاوه هر وقت تڪثير (يعني ڪثرت) ڪجي خاص طور تي هن **درود شريف** کي عِشاء کان بعد سو ڀيرا يا جيترا ڀيرا پڙهي سگهي تہ پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَنَا اَنْ نُّصَلِّيَ عَلَيْهِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا هُوَ اَهْلُهٗ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَجْسَادِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى قَبْرِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ صَلَّى اللهُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ ط

**پاڻ ڪريمن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جي زيارت حاصل ڪرڻ** لاءِ هن کان بهتر صيغو ڪونهي پر خالص پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي **شان جي تعظيم** لاءِ پڙهي هن نيت کي بہ جاءِ نہ ڏجي تہ مونکي زيارت عطا ٿئي. اِگتي هُنن جو ڪرم بيحد ۽ بي انتها آهي.

فِراق ووصل چہ خواهي رِضائے دوست طَلَب   ڪہ حيْف باشَد اَز و غيرِ اُو تمنّائی

(يعني: ويجهڙائپ ۾ پري مان ڇا مطلب ! دوست جي خوشنودي حاصل ڪر جو ان ڪان علاوه دوست سان ڪنهن ٻي شيءِ جي آرزو ڪرڻ قابل افسوس آهي)

جلوہ یار ادھر بھی کوئی پھیرا تیرا
حسرتیں آٹھ پہر تکتی ہیں رستہ تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي

**هاءِ!** اسان جي معاشري جي تباهي! افسوس! غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت هر طرف تباهي مچائي ڇڏي آهي منقول آهي ته! **باهه به سُڪل ڪاٺين** کي ايترو جلدي نه ساڙيندي آهي جيترو جلدي غيبت ٻانهي جي نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي. (احياءُالعلوم ج3 ص183)

## منهنجون نيڪيون ڪيڏانهن ويون

**اي عاشقانِ رسول!** غيبت جي تباهه ڪارين منجهان اها به آهي ته ان جي سبب نيڪيون ضايع ٿي وينديون آهن، جيئن ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب داناءِ غُيوب مُنزّه عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ قيامت جي ڏينهن انسان وٽ سندس جو اعمال نامو آندو ويندو، هو چوندو: مون جيڪي فلاڻيون فلاڻيون نيڪيون ڪيون هيون اهي ڪيڏانهن ويون؟ چيو ويندو: تو جيڪي غيبتون ڪيون هيون انهيءَ سبب مٽايون ويون آهن. (التّرغيب وَ التّرهِيب ج3 حديث30 ص 332)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net